# روحل فقير جون رمزون

## ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار



مرتب

صوفي شفيع محمد سومرو

"صادق چوٽون"

Gul Hayat Institute

# روحل فقير جون رمزون

## كنبڙيءَ جو كلتار



Gul Hayat Institute

مرتب: صوفي شفيع محمد صادق چوٽون

# ارپنه

(داتا جان محمد شاهه جيلاني) گادي نشين داتا فيض
درياهه شاهه جيلاني انباهه شريف جي نالي

حق موجود – دم دستگير
صوفي شفيع محمد صادق چوٽون

Gul Hayat Institute

روحل نام کهايا هم هين آپ وهي آپ
سَرَو اوتار کاسر ڏٺي سپ سنتن سرچاپ
★
(روحل روح الله سان وجي ٿيو هڪ هڪ)

مرتب جا حق ۽ واسطا محفوظ آهن


کتاب جو نالو: روحل فقير جون رمزون

مرتب: صوفي شفيع محمد سومرو (صادق چوٽون)

موضوع: صوفي شاعري

ڪمپوزر: عمران علي ميراڻي

السعود ڪمپيوٽر سينٽر سکر فون: ٠٧١٥٠٠٠٩٠٧

تعداد ١٠٠٠

قيمت: ٦٠/= اکرين سٺ

ڇپيندڙ: ميراڻي پريس ڏڪ روڊ سکر فون: ٢٦٥٤٧٢٦

ڇپائيندڙ: "صوفي صادق پبليڪيشن" ٽکرائو روڊ ڏنڊي

ڇپائي جو سال: ٢٠٠٥ع

ملڻ جو هنڌ: ستار سومرو ريڊيو سروس مساڻ روڊ روهڙي

(سنڌيڪا اڪيڊمي دوکان نمبر 19 بلديه پلازه سکر)

فرخ ڪتاب گهر (بيراج روڊ سکر)

انجنيئر علي اصغر سومرو (ڏنڊي)


Gul Hayat Institute

# ترتيب ڪلام


- ڪندڙي جو ڪلتار
- شاعر بابت ڄاڻ
- پنج ڪعبا اول ڪعبہ عرش عظيم
- الله دي نالي ٻاجهون
- بازي واهہ بنائي صاحب
- تات طلب رک هر دم
- ثابت ٻولي دلبر والي
- جڏاهن ڪرسر تي چايم
- حقيقت حق دي هر جاءِ
- خمر حقيقت پي ڪي
- دمامي دردان والي
- ذڪر فڪر دي نالي رهين
- رمزو بوبي چاٹن رند
- زباني ڪلما پڑهدي هو
- سڃاٹن سر سڄهڻ دي
- شهہ رگ نون بہ نيڙي وسنا
- صاحب دي ياد ڪرين
- ضرورت تيڪون ڪهڙي
- طالب ترک ڪرين
- ظهورا ظاهر هر جا قدسي


Gul Hayat Institute

عجائب رمز رباني
غنادي صاحب صوفي
فکر کنون سپ حاصل
کتابان پڑھي کي
قدر فقر دا چاٹي اوئي
لون لون دي وچ
موج محمدي اندر
نوبت وڄدي عشقان
عنايت کيتي ساقي
کڍين چاغير وچون
فکر چھوڑيا جھان دي
قيوم کرم کنده
گيان جھان دي اندر
لگن دل دي اندر لگي
محمد پيدا کيتو کارڻ
نياهو رنگ تنهان دي
وصال وچوڑي داهڻ
همراز هميشه دلبر
لقاء ڏيکڻ دي طالب
اول آخر سوئي ذاتي
ياري کر عشق ڏتوئي

Gul Hayat Institute

- الله کرياد سدانت
- بديان کر تون سدائين
- تن گھول گھتين سڄڻ تون
- جهان دنيا دا طالب
- حضور هميشہ هر دم پلي
- خالق دا خيال جنهان کنون
- دما مادل دي اندر
- ذرا کيچ توہن ناهين
- رانجهن دي سک جنهان کون
- زاري وچ رهين هيمشہ
- سڄڻ دا صحيح سڃاڻي
- شتاب عمر وهاڻي
- صبوري کر دل کون
- ضرورت مليا لوڑين
- طالب مطلوب ملڻ دا
- ظاهر باطن سب سائين
- موهہ اهنکار کنون
- ويکين جنسار
- هدايت حق دي
- لون لون دي وچ لات
- يقين دي منزل چاڙين

Gul Hayat Institute

- كايا كوٽ ڊسين
- بي خبري دي نيند وڃون
- جنهن دي سڪ سوئي
- چپ چپاتي ويڙهي
- اهو رانجهن اهو ماهي
- نہ نيهي لايهن جماعتان
- جي نيهي وچ سڄڻ دي
- جنهن ڪون نيهن لڳا پياري دا
- جڏاهن تون
- جهان رمز رباني لڳي
- سهڻي صورت ويکڻ ڪارڻ
- ذات ملي وچ ذاتي
- چشمان آب حياتي دا
- چاڻ خودي تان خود ڪو
- اي سنسار ٺڳپان ٺڳ بازي
- تون درياهہ سير پر مڇلي
- ڪوجهو ڪامڻ ڪيتو
- تتاساقي شوق شرابون
- ديدار دروني اندر
- خانزادا پانهي جنهن اندر
- عاشق اوراد پر اپاسي

Gul Hayat Institute

- نہ ڪو خير ڪلڻ ۾
- ٽيي هٽي پاڻ ۾
- بڪن مڙيئي بات
- جن ويراڳ وجود ۾
- برهہ ۽ بيراڳ جي
- جي رنگ رچي رام
- جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا
- شاهوءَ فقير جا سوال ۽ روحل سائين جا جواب
- ڪنڊڙيءَ جي درگاهہ جا طالب
- صوفي جلال فقير ٽالپر
- صوفي ٽانور داس شڪارپور
- مراد فقير زنگيجو

Gul Hayat Institute

# ڪنڊڙي جو ڪلتار:

جهوڪ جي جهانگي، سنڌ جي صوفين جي سرتاج، شاهه عنايت شهيد جي شهادت جي ائين سال سن 1726ع ۾ عمر ڪوٽ ويجهو هڪ پٽ تي آباد، ساهيوال مان آيل زنگيجن جي گهرن ۾، ميان شاهوءَ جي گهر هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيائون روحل (روح الله) ۽ بعد ۾ اها پٽ "روحل واءِ" ۽ روحل جي پٽ" جي نالي سان مشهور ٿي. زماني جي مروج تعليم مطابق عربي ۽ پارسي پڙهندڙ ٻالڪ ماحول ۾ موجود هنديءَ کان پڻ متاثر ٿيو. ڇيو ته روحل واءِ جي علائقي تي راجستاني ٻولي ۽ ثقافت جو تمام گهڻو اثر هو جنهن ڪري روحل لاءِ هندي جو معاورو ڪا اوپري ڳالهه نه رهي.

روايتي ظاهري علمن ۾ پڙ ٿيڻ کانپوءِ نوجوان روحل ۾ پاڻ سڃاڻڻ جي تڙپ پيدا ٿي جنهن جي پورائي لاءِ هن صوفين ۽ سنتن ٻنهي سان واسطو رکيو ائين روحل جهوڪ جي ٻئي گادي نشين سائين عزت الله جي حلقي ۾ آيو.

شاهه شهيد جي شهادت بعد جهوڪ جي صوفي تحريڪ اتي ئي ختم ٿي وئي. سائين عزت الله پنهنجي مريدن کي خالص تصوف جي تعليم ڏني ۽ رياضت تي زور ڏنائون. ائين ئي روحل روحاني منزلون طئه ڪري رهيو هو ته پنهنجي ماسات راڄي ليکي جي مدد سان ميان غلام شاهه ڪلهوڙي وٽ ملازمت ۾ گهڙيو ۽ ترقي ڪندي توشه خاني جو امير مقرر ٿيو.

عمر ڪوٽ ۾ رهندي روحل فقير جي صحبت ڏونگر سي مهراج سان پڻ رهي جنهن ڪيس ويدانتي ستي پياري نرگڻ مارگي رچنائن کان واقف ڪيو. مهراج جو اثر روهل سائين جي شاسترن ۾ پڪڙيو پيو آهي. ميان غلام شاهه جي ملازمت دوران پڻ فقير روحاني شغل جاري رکيو ان مطابق ته "هٿ حاج م دل يار ڏي". سنڌ ۽ جوڌپور جا شروع کان تمام سٺا تعلقات رهيا آهن. روحل فقير جو ميان غلام شاهه جي اهم درٻاري هجڻ سبب جوڌپور سفارتي ڪم ڪار سان اڪثر اچڻ وڃڻ هوندو هو ۽ ڇيو ته ڏونگرسي مهراج جو راجستان م تمام وڏو اثر هو، سندس صحبتي رهڻ سبب جوڌپور جو راجا ٻخت سنگهه روحل سائينءَ جو تمام گهڻو معتقد هو. روحل فقير جو ڪلهوڙن جي ملازمت ڇڏڻ جو اهم سبب

ميان سرفراز جو پيءُ کي ڪفن ۾ سندس آنڊل جوڙي نه ڏيڻ چيو وڃي ٿو جنهن فقير سائينءَ جو دنيا جي بي ثباتي ۽ رشتن جي خود غرضيءَ ۾ يقين پڪو ڪيو. عمرڪوٽ ۾ رهندي ۽ غلام شاهه جي مصاحبيءَ ۾ هوندي سندس شاهه پنائيءَ ۾ پڻ وڏو اعتقاد هو جنهن جو اظهار پنهنجي شاعري ۾ ڪيو اٿس پر اهڙي ڪا مستند روايت نه ٿي ملي ته هن جي ڪڏهن شاهه سائينءَ سان روبرو ملاقات به ٿي يا نه ؟ نوڪري ڇڏي ڪرڻ ڪانپوءِ مرشد جي در جهوڪ ميرانپور ويو ۽ وڃي شاهه شهيد جي درگاهه ۾ معتڪف ٿيو تان جو ڏٺين جي حڪم سان ان وقت جي گادي نشين سائين محمد زاهد روحل فقير کي ويس ڍڪايو ۽ ڪيس سفر جو امر ٿيو ته اتي ويهي جتي ڪيس روڪ ٿئي. ان سفر ۾ سندس سالو ۽ مرشد ڀائي مراد فقير (1743-1795) ساڻن گڏهو. اتر طرف، امر موجب هلندي اچي ڪوٽڏجيءَ ويجهو پهتا جتي هڪ ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت رهيا. پر مقامي سيدن جي نه سهائپ ۽ مراد فقير جي ساڻن تڪر سبب ڪوتلي لڏي آيا جتي مير صاحب کين ڪجهه زمينون نذر ڪيو پر 1795ع ۾ پهراڻ جي پاند اٽڪڻ کي هاديءَ جو حڪم مڃي، لڏو لاهي ويهي رهيا جيڪو ڳوٺ ڪنڊڙي سڏجڻ ۾ آيو. سن 1782-83ع ۾ فقير روحل سائين جوڌپور جو سفر اختيار ڪيو، هن دفعي جوڌپور ويندڙ روحل باقاعدي ويس وارو صوفي هو جتي راجا بجي سنگهه کي روحاني اپديش ڏنائين جيڪو سوال جواب جي صورت ۾ آهي ۽ راجا باقاعدي فقير جي مريدي اختيار ڪئي.

روحل سائين سنڌي، سرائڪي، فارسي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سنڌي ۽ سرائڪي بيت، سي حرفيون ۽ ڪافيون سندن ڪلام جو صرف ويهه سڪيڙو مس آهي جڏهن ته اسي سيڪڙو ڪلام هنديءَ ۾ آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو، ”روحل فقير جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته هن مسلمان هوندي به هندو ڌرم جي گرنٿن، شاسترن ۽ فلسفي جو گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ پنهنجي شخصي انڀوءَ جي آڌار تي ادوئت، ويدانيت، يوگ، گيان، ڀڳتي ۽ ڪرم جهڙن موضوعن تي هنديءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ مونکي اڄ ڏينهن تائين اهڙو ٻيو ڪو به سنڌي شاعر

Gul Hayat Institute

## پنج ڪعبا

پهريون: اول ڪعبو "عرش عظيم" آهه
جت ڦرشتا فرمان ۾ راتو ڏينهن رهن.

★

ٻيو: ڪعبو "بيت المقدس" آهه
جنهن کي سيئي نبي ٿا نمن

★

ٽيون ڪعبو "بيت المعمور" آهه
جت ملڪ مڙئي ٿا سجدا ڪن

★

چوٿون ڪعبو "بيت الله" آهه
جت حاجي وڃي ٿا حج پڙهن

★

پنجون ڪعبو "قلوب المؤمنين"
عرش الله تعاليٰ چيو پاڻ ڏٺين.

★

مسلمان جيڪي پنهنجو "قلب" هٿ ڪن
تہ آهن ڪعبا بہ ڪو ڏياتن جا

★

تت توم الٿي (ويند)
معنيٰ (تون هي تون)

Gul Hayat Institute

**سرڪليان:** **الف**

**سي حرفي: سرائيڪي:**

الله دي نالي پاجهون ڪوڙي اور ڪمائي
دنيا ڏوتي سڀ جڳ موهيا تيڪون سمجهه نه آئي.
نال رذالي لاتئي ياري ڏاريئي چاڻ نه ڪائي
جنهن اهين رن ڪنون منهن موڙيا "روحل" راهه حقيقي پائي.

**ب:**

بازي واهه بتائي صاحب طالب طلسم والي
ڪوئي سمجهي مرد حقيقت ساري الٽي چالي
حال حقيقت هال ڪرگهن جوئي ڪيل مقالي
سردي سودي پاجهون "روحل" لڳندي مشڪل لالي.

**ت:**

تات طلب رک هر دم دل پر طالب دلبر والي
باطن هويا برحال جنهين دا چاٽي نه اتڪل ظاهر والي
هر رنگ دي وچ ويکي ظاهر قدرت قادر والي
راز حقيقي ويکين "روحل" ڪولين ڪڙڪي اندر والي.

**ث:**

ثابت پولي دلبر والي باقي ڪوڙ ڪهاٽي
هر جاوسدا حسن حقيقي چاڻ اهوئي چاٽي
رمز حقيقت والي ظاهر هڪو ٿوٽا پاٽي
حال اهو جي پاوين "روحل" منزل عليٰ ماٽين.

**ج**

جڏان ڪر سر تي چايم باز محبت والا
حال عجائب سرتي آيا هر دم حيرت والا

Gul Hayat Institute

هــر جا راڳ ربــوبــي ڳاوي مــطــرب وحــدت والا
سـڀ دي هــمــت نــاهــين "روحــل" ڄاڻـي هــمــت والا

ح

حقيقت حق دي هر جا ڪڏهان جلال تي ڪڏان جمال هويا
هر رنگ دي وچ وسدا اوهي گرچ بيچون بيمثال هويا
اهندا درجا آکان ڪهڙا جو حال حقيقت نال هويا
محنت واليان نون آسان "روحل" جنهن ڪيتا اون حال هويا

خ

خمر حقيقت پي ڪي طالب خيال خودي دا ڪاوين
بــاربــرهــه داســر تــي چاويــن غيــر نــه انــدر لاويــن
الانــســان ســري وانــا سِرهُ گــيــت مــحــبــت ڳاويــن
سردا سودا ڪرڪي "روحل" وچ ميدان معرفت جاوين

د

دمــامـــي درد ان والـــي ســرعــشـــا قــان وڄدي
سولي اتي مشڪن چڙهدي ساجن ڏيک نــه رڄدي
ويــر وروڌ نــه ڄاڻـن هــرگــز صــاحــب صــولــت ســڄدي
"روحل" ڏيک بديان تون ظاهر قرب والي او ڪڄدي

ذ

ذڪــر فــڪــر دي نــال رهــين ايــهــه دنــيــا ڏوتــي ڄاڻـين
جڳ نــون جوتــي رول گــهــتــينــدي وحدت ويــســهــه آڻين
هــر گــهــت جلــوا دلــبــر والا جي تــون جوت پــڇاڻين
"روحــل" رڄهــه حقــيــقــت پــاڪــي رتــبــا عــلــيٰ مــاڻين

Gul Hayat Institute

ر

رمز ربوبي چاڻ والي ذڪر ڪماون ذاتي
دم دم ويکن دلبر سيتي پاکي اندر جهاتي
چٽ گئي مام مجازي ساري رهي ناصفت صفاتي
"روحل" ڏونهين رتبي اُهندي ڄا نفي ڄا اثباتي

ز

زباني ڪلمان پڙهندي مول نہ معنيٰ چاڻن
جنهان ڪلمان دل داپڙهيا سيج سڪيان دي ماڻن
"لا" يحتاج گذارن هر دم وائي اورنہ واڻن
وحدت جي وڻجاري بڻڪي "روحل" سرسچاڻن

س

سچاڻن سر سڄڻ دا اوکا بار اٺاوڻ
وحدت والي وادي دي اندر مشڪل پيرا پاوڻ
سردا سودا ڪر گهن اول پيڇي راهہ پڇاوڻ
"روحل" سڀ دي حاجت ناهين ڪيميا قلب ڪماوڻ

ش

شَهہَ رڳ ڪنون پيي ڪرلون وسندا دوئي گهتيندي دوري
سيس نواکي اندر ويکين ظاهر پريي پوري
هر گهٽ دي وچ رنگ اُنهيندا ناري هي يا نوري
"روحل" جيون ساکي باجهون حق دي ڳالهہ اڌوري

ص

صاحب دي ياد ڪرين ايهہ ساهہ اتي ويساهہ نهين
محبت والي واهہ ڪنون ٻي روشن ڪوئي راهہ نهين
بار ملامت سرتي چاوين لوڪ رسي پرواهہ نهين

"روحل" دامن عشق دا پکڙين اس جيها شهنشاه نهين

ض

ضرورت تيکون کهڙي پيتا کوڙ کماوين
نال بران دي صحبت تيڏي انگ پيوت لڳاوين
امل حياتي قدر نہ ڄاڻين ناحق ويل وڃاوين
"روحل" نانءُ الله دي ٻاجهون کوئي خير نہ پاوين

ط

طالب ترک کرين جي طمع نال تمامي
هفت ولايت تيڏي خادم بڻجن صاف سلامي
تون صاحب دا صاحب تيڏا زمزنہ ڄاڻي آمي
"روحل" موت نہ ماري تيکون جي هوئين عرش مقامي

ظ

ظهورا ظاهر هر جا قدسي ذات دا سارا
موجان موج تلاطم اندر پريم گنگادي ڌارا
کرگهن حاصل حال حقيقت ول عمر نہ آسي يارا
"روحل" اکيان کول تي ويکين کٿي سنکندر دارا

ع

عجائب رمز رباني حال حقيقت والا
جنهن ڄاتا ڄاڻ محبت دا مگن ٿرن متوالا
عشق خمار دي وچ گهاري کيا گرمي تي کيا پارا
"روحل" گم اگم ير هويا وسرگئي کشت کشالا

غ

غنادي صاحب صوفي نظر تنهان دي عين عنايت
کيفي کيميا قلب کماون هر دم چاهن عشق سلامت

Gul Hayat Institute

بي ظهور آبحياتي ماڻن نيهي نيهن نهايت
هر حالت دي وچ رهندي راضي شامت آوي يارحمت

ف

فقر کنون سڀ حاصل هو وي بي معنيٰ ايهہ دلگيري
دنيا اتي دين گنوائين کوڙي شيخي پيري
ساڏ سڏا کي مايا ميڙين کشف ڪرامت ميري
"روحل" راهہ حقيقت هٿ ڪرياقي ڇاڻ ظهيري.

ڪ

ڪتابان پڙهہ کي خود کون سمجهين عالم دانا
کنز قدوري کافيہ آسان مشکل محبت معنيٰ
علم عقل کنون جو وڏيٰ طالب اوفرد فريد فرزانا
"روحل" رمز محبت والي سچ ڄاڻي مرديگان

ق

قدر فقردا ڄاڻي اوئي جو رمز رندي دا حامل
موهہ کنون جو پاسي هويا پرُس سوئي ڪامل
کامي کبڏي اوديا اندر رهندا هر دم شامل
"روحل" ساڏ سنگت دي باجهون مُکتي من دي مشکل

ل

لون لون دي وچ جهوک جنهان دي آون ياد سدائي
ظاهر باطن ذکر تنهان دا اور نہ وٽندي وائي
فاذ کروني اذکر کم دي مرد بات بتائين
"روحل" مليا ياريگا نہ انگ انگ راحت پائي.

Gul Hayat Institute

م

موج محمدي اندر پاتم سارا سرِ الاهي
رحمت عالم بڻڪي آيا ڏيندا جڳ گواهي
عرشون منزل بالا تنهن دي جت اورنہ پهت راهي
"روحل" اشرف عالم اندر بيشڪ ميڏا ماهي

ن

نوبت وڄدي عشقان والي پيرا ٿانهين ڪوپاوي
بار برهہ دا اوکا ڏاڍا سر ڏي ڪي سورهيہ چاوي

ع

عنايت ڪيتي ساقي ڏتس پريم پيالا
پيوڻ نال شراب طهور اندر ٿيا اجيالا
لونءُ لونءُ دي وچ ٿي خوشحالي مٺيا ڏک ڪشالا
"روحل" رنگ رباني رتا سدا مگن متوالا

ڪ

ڪدين چاغيرو چون تان ايهو عين سڏيوين
ڪايا نقطي سڀ جڳ موهيا ويک مطيع نہ ٿيوين
امر پيالا مرشد والاسر ڳهٽي رک........ پيوين ...
"روحل" وچ رندان دي مجلس عاشق نانءُ سڏيوين.

ف

فڪر چوڙيا جنهان سي ئي فقير سڏيوين
هردم رنگ رباني رتي دڪي مول نہ ٿيون
نت نيهي ميخاني دي وچ امرپيا لا پيون
"روحل" رنگ تنهان داڳوڙها موتو ٿي ڦِر جيون.

Gul Hayat Institute

ق

قيوما كرم كُنند اسان تيڏي ٻاري
عقل فكر دي چوپڙ رچيا ، جو پاسا جڳ ساري
حكم رضائين تيڏيان چلن رعيت كون ويچاري
"روحل" بازي تنهان جيتي جاڻ سمجهہ جنهان هاري.

گ

گيان جنهان دي اندر اُبريا سورج سارا
ٻني رات پرم دي تنهان مٺيا سڀ انڌارا
چوڏهين طبقين تي روشنائي كليا گُل هزارا
"روحل" تي رب راضي تيا پايا نيهن نظارا.

ل

لڳن دل اندر لڳي ڏٺي صورت ساري
پريم پيالا مرشد ڏتا چڙهي عشق خماري
جنهن دي سڪ سوئي شَهہَ پايا من دي ممتا ماري
مليا دوست مَتي دلگيري "روحل" مِلك تمهاري.

م

محمد پيدا كيتو كارڻ روپ ظهورا
ذاتي روح تنهين وچ گهتيو وائي انحد تورا
گگن منڊل وچ ڀٽي چوكي چكي شراب ظهورا
"روحل" پُر كر پيالا مرشد مليا پورا.

ن

نيا هورنگ تنهان جي عشق الله دي رتي
كنون شراب حقيقي پي پيالي منگهہ متي
مليا دوست لتي دليگيري كون وڇوڙا گهتي

”روحل“ جنهن تي نوشهه راضي ساڪيون چرخا ڪتي.

و

وصال وڇوڙي داهڻ دوڪا مول نه آئي
چوڏهين طبقين هڪو سورج سڀ گهٽ جوت سمائي
جيوين جل ۾ ڦري البيلي جت ديکي تت پاٽي
”روحل“ رمز رندان دي مشڪل ڪنهن هڪ ورلي چاٽي.

هه

همراز هميشه دلبر پريم لڌا وڃ پيرا
عشق چراغ ڪيتي روشنائي مٽيا سڀ انڌيرا
لئون لئون دي وچ تي خوشحالي مليا محرم ميرا
”روحل“ ريجهه رهيا رنگ تيڏي ڪري عبادت ڪيرا.

ل

لقاءُ ڏيکڻ دي طالب هر دم رهن حضوري
هڪ پل پاسي مول نه ٿيون پريت جنهان دي پوري
مٽيا درد لٿي دلگيري پائي سانت صبوري
”روحل“ تي قربان تنها تون جي نور مليا وڃ نوري.

الف

اول آخر سوئي ذاتي ذڪر فقيران
دردلبردي آپ ڪُهاون بنا ڪاتي تڪبيران
سردي سودي عشق ڳڏوني اهو پرچا پيران
”روحل“ رُو ۽ تنهادي ڏٺيان تن تات من ڏيران

ي

ياري ڪر عشق ڏتوئي ڪيتاعين ڪرامت
ويڪون شاهه ڦرون متوالي لٿي من ملامت

Gul Hayat Institute

انـدي كـون ول اكـيـان تـيـان مـلـيـا ايـان سـلامـت
"روحـل" كـون وكڻ نيـنـان لـڳيـا تيـرا نـانءُ نـعـمـت.

**سي حرفي:**

الف

الله كـر يـاد سـدائـت وحـدت وچ گـذاريـن
جيـوڻ دي هـن چار ڏهـاڙي خام خيـالن گـهـاريـن
آي دنـيـا ڏوتـي سـب جـڳ موهـيا چيت چلين مت هـارين
"روحـل" راهه فقيري دي وچ غفلت مئون وساريـن.

ب

بديان تون كرين سدائين فرصت كرين نـه كائي
مين وچ لَلُ نـه ليكڻ كوئي نكا كران كمائي
تيـڏي راج قـران الـبـيـلـي وتـان پـانـهـن لـوڏائـي
"روحـل" راز خصم دا جنهن تي جڳ سهاڳڻ سائي.

ت

تن گهول گهتين دلبر تئون سينا مول نـه تنگين
جام شراب رند ان دي هتئون پريم پيالا منگين
چتي جند جواب سوالون تـتي جهيـڙي جنگين
"روحل" راهه رباني دي وچ ڏيـنديان سر نـه سنگين

ث

ثـابـت كـرانـتـر يـامـي جي تـون عـاشـق ٿـيـويـن
شـوق شراب رند ان دي مجلس پل پل دي وچ پيوين
لهي هول حساب حشردا ٿـيـر موتـو اول جيـويـن
"روحـل" رات پـرم دي پـجي نـيـهـي نـانءُ سـڏيـون

Gul Hayat Institute

ج

جهان دنيان دا طالب چوڙ تنهين دي ياري
حرص هوا تڪبر ڪون تڪ مارين ڪيبر ڪاري
جنهان عشق الله داچايا تنهان تيڏي تاري
"روحل" ٿي قربان تنهان ٿئون جنها ممتا ماري

ح

حضور هميشه هر دم پلي ٿري ڊونديندي
كامل مرشد ٻاجهون انڌي ناحق سڌ ڪريندي
وڇ انڌاري بنا روشنائي ناحق هٿ مريندي
"روحل" خصم جنهاندي جهولي سُڪي سي ٿي جاليندي.

خ

خالق دا خيال جنهان ڪون مني لڳي نه مايا
سي عاشق وحدت وڇ وَ روندي وسري سندر ڪايا
جي وت نيهن نماڻي ڪيتي رات ڏني دن پايا
"روحل" رتن امولڪ مليا ياڳ پراپت پايا.

د

دمامـا دل دي اندر نريڻي چوٽ چلاوين
پنج مواسي ڪايا دي وڇ محڪم مار هٽاوين
هوڪا ڦير حقاني والا ننگري سڪ وساوين
پيچي "روحل" در دوستان دي درسن بکيا پاوين.

ذ

ذرا ڪج توبن ناهين جهر جهنگ تيڏيان جهوڪان
هِڪان دي گهر حلوي سيري هڪان دي گهر سوڪان
سَڀ گهٽ دي وڇ تون هين وسدا سڀ ۾ تيڏيان نوڪان

"روحل" کون تون آپ پلاوين پريم پيالا موکان.

ر

رانجهن دي سک جنهان کو هر دم رهي هميشان
سهڻي سيج نہ ياوي تنهان کو کيتي پريم پريشان
سي عاشق صادق نَريئون نيهي هتکي رهن نہ خويشان
"روحل" در دلبر دي بکيا پايا خير درويشان.

ز

زاري وچ رهين هميشہ توڙي ملي دلاسا
اي جڳ بازيگر دي بازي رکين نا يروسا
ڏادي نال شراکت کيهي کن تولا کن ماسا
"روحل" تيءُ رضا تي راضي پائين سک سوايا.

س

سڄڻ دا صحيح سڃاڻي کپيري وچ پيرا
لُون لُوَن دي وچ جهوک جنهين دي دل دي اندر ديرا
سر سرواهہ کرين چاصدقي کيا لاکي هڻ تيرا
"روحل" رات يرم دي يچي متيا سب انڌيرا.

ش

شتاب عمر وهاڻي پيچي کيا کريسن
جوين دي وچ کنڌ نہ پايو پُلي هت مليسي
نال سهيليان آتڻ دي وچ کيها منهن گهن ويسي
"روحل" خصم جنهين دي جهولي سک سائي جهليسين.

ص

صبوري کر دل کوجين جت سڄن دا واسا
ڏي سربار پرهہ دا چائين مول نہ موڙين پاسا

Gul Hayat Institute

چند ورکا کليا وچ ويڙهي. کنهن کون ڦرين اداسا
”روحل“ رتن امولک مليا پايا نهين نواسا.

ض

ضرورت مليا لوڙين کوڙي چاڻ نه چول
کايا کوٺي قفل کفر دا عشق کُنجي گهر کول
لونءَ لونءَ دي وچ جهوک جنهين دي ڏي پتکي گهر کول
”روحل“ روح رتن هي تيڏا گيان کُندي گهت تول.

ط

طالب مطلوب ملڻ داکر گهن ساجهر سعيا
دل تيڏي وچ دلبرو سدا مرشد راه بتايا
جنهن دي درد ديواني کيتي سوشَهه الله ملايا
”روحل“ روز ازل دا لکيا چندر جهولي وچ پايا.

ظ

ظاهر باطن سب سائين بيشک شرک نه آٿين
رک يقين ارادا سچاجي چاٹين سک ماٹين
کوڙي هرگز جاءِ نه لهيسن سچيان سائين ساٹين
”روحل“ راه الک دا اوکا گيان عينک گهت چاٹين.

ه

موه اهنکار کنون کرپاسا کام کروڌ کون ڏاوي
”روحل“ مرٹا اڳي جوئي مردي ول موت نه انهان تي آوي.

و

ويکين جنسار حقيقت والا ماهي هر جا حاضر
گگن منڊل دي گردش اندر نقش انهين دا ظاهر
گل ڦل جوت جمال دي شيدا ذکر ذاتي وچ ذاکر

Gul Hayat Institute

"روحل" شڪ نہ آئين ڪوئي اهو اندر ٻاهر

هہ

هدايت حق دي ٻاجهون جوڙ نہ ڪوئي جوڙين
چوراسي لک پيجري داسنسا سارا توڙين
نرمل نوري طوطي دا حال حقيقت ووڙين
"روحل" رمز رباني ٻاجهون اور طريقا ڇوڙين

ل

لونءَ لونءَ دي وچ لات لطيفي اور نہ ڪوئي ٻولي
پريم ساگردي چڙهدي لهدي رهندي هر دم ڇولي
رتن امولڪ مل ڳيا مينون پرڳٽي خالي جهولي
"روحل" آندهو يا حاصل پريم دي لڳ ڳئي هولي.

ي

يقين دي منزل چاڻين عشق جقيقت عشق طريقت
عشق بناهِي عمر اجائي عشق عالم عشق هي دولت
چاڻ اهين ڪنون منهن نہ موڙين عشق هي مذهب ملت
"روحل" قول ايهو نہ فاسد عشق عبادت عشق هي طاقت.

ڪ

ڪايا ڪوٽ دسين دروازي دل دلبر دا ديرا
لونءَ لونءَ دي وچ تي خوشحالي ڪيتا نوشہ ڦيرا
ڪوڙي ست گهتين دوزخ وچ تيسي سچ نبيرا
"روحل" رات ڳئي دن پايا مٽ ڳيا سڀ انڌيرا.

ب

بي خبري دي نيد وچون آ دستئون پڪڙ ڪي دوست جڳايا
وچ انڌاري تي روشناني دلبر آڪي درس وکايا

Gul Hayat Institute

ذكر فكر دي جهڳڙي لٿي سيج اتي چڙهه نوشه آيا
ڏي ڳل ٻانهن پياري ستي سهج ڪنون چانگ لڳايا
هجر وصال ڪنون جند ڇٽي "روحل" وڃون روح الله پايا

ج

جنهن دي سڪ سوئي شه پايا لنڪ تنهين دي لٿڪي
"روحل" پريت لڳي تنهن دي ڇوٽي دل ڇُل ڇٽڪي.

چ

چپ چپاتي ويڙهي دي وچ مينڍا نوشه آيا
نه مين سرمون سينڌ ڳنڌائي نه مين چندن لايا
لونءَ لونءَ دي وچ جهوڪ جنهين دي راضي رنگ لڳايا
مين مت هِينڻ نماڻي داچا سائين پاڻ وسايا
"روحل" راهه فقيري دا ڪنهن ڀاڳ پرايت پايا.

الف

اهو رانجهن اهو ماهي اهو هير آکاٽي
جيوين پاڻي وچون تيون پالا نهين پالا اهو پاڻي
سڀ گهٽ دي وچ تون هي وسندا لالن لامڪاني
ٻهه رنگي گهر ناهين ڪلي ديک دوئي شڪ نه آڻين
"روحل" راهه الله دا اوکا ڳالگيان عينڪ گهٽ ڇاڻين.

ن

نه نيهي لاڇهن جماعتان نه استاد سڏاون
دل دريا محبت دي وچ رات ڏينهان تڙقاون
جنهن دا درد تنهين دي درتي نت اتي آپ کهاون
سڀ صورت صاحب دي ڄاڻن دوئي دل نه لاون
"روحل" رنگ هڪي دي رتي سي سڀ ڪنهن سيس نماون

Gul Hayat Institute

ج

جي نيهي وچ سڄڻ دي رات ڏينهان رنگ رتي
ڪنون شوق شراب حقيقي پي پي پيالي منگهہ متي
دوزخ بهشت اِنهان تئون نياري نيهن سيتل نيهن تتي
”روحل“ رات ڳئي دن پايا گهول انداري گهتي.

ج

جنهن ڪون نيهن لڳا گهر اندر ساڪيون پاهروتي
جنهن ڪون تار برهہ دي لڳي چرخي تند نہ گهتي
جا ڏئي ڳل پانهن ستي شهہ سِيتي ساڪيون آتڻ ڪتي
”زوحل“ رنگ تنهان داڳوڙها جي عشق رڱڻ رنگ رتي.

ج

جڏان تو اِيهہ جيءُ پيءُ ڪر ماٺيا تڏان توراهہ سجاتي
وچ دَروني جهوڪ رانجهن دي ڪول قفل پاءِ جهاتي
دل اندر ديدار سڄڻ دا چشما آب حياتي
”روحل“ پر ڪر پيءُ پيالا ذات ملي وچ ذاتي

ج

جنهان رمز رباني لڳي سي ٿي صاحب البيلي
وحدت وچ وصال تنهاندا ڪرن نال سڄڻ هرويلي
دوئي دا داغ لٿا تنهن دل تئون نت رات ڏينهان دي ميلي
”روحل“ رات هجر دي هتي مليا يار سويلي.

س

سهڻي صورت ويکڻ ڪارڻ عسق لڳا من ميرا
سڪ سڄڻ دي آکر لايا دل دي اندر ديرا
پنج مور تي محڪم ڪيتي گيان گهٽيءَ وچ گهيرا

Gul Hayat Institute

"روحل" رات ڳئي دن پايا مٽ ڳيا سڀ انڌيرا.

ذ

ذات ملي وچ ذاتي ماهي نال تڏان سياڻن آئي
انگ لکيا ڪاتب روز ازل دي ڪس کون خبر نہ ڪائي
نال رانجهن دي حق اسا ڏاتڏان تو محبت لائي
"روحل" رمز رباني لڳي ياگ پراپت پائي.

ڇ

چشمان آب حياتي دا دل اندر حوض حضوري
سر دي سودي پنيدي عاشق پريت جنهان دي پوري
سي جينديان موتو تي ڪر ٻيٺي پايا سک صبوري
"روحل" رنگ هڪ دي رتي سي نور ملي وچ نوري

ڄ

ڄاڻ خودي تان خود ڪوپهچين نال خودي خود پائين
آهہ دوئي وچ ديدار سجن دا جيئن درپن وچ ڇائين
بنا ڪيف لطيف نہ لنيدا سڄ تان سچ آکائين
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا ڍونڍ نہ سجيا جائين.

الف

اِيهہ سنسار ٺڳان ٺڳ بازي اکين نال ڏٺوسي
ڏيک تماشا محب ملڻ دادل اندر ڳول لڌوسي
دستون ساقي ٿيا عنايت پرکر جام پيئوسي
"روحل" وچ رندان دي مجلس نوشهہ ڳول لڌوسي.

ٽ

تون درياهہ سيرمين مڇلي تون سنگ سدا سهيلي
تيڏي عشق بنا جڳ جيوڻ ڏکي عمر ڏهيلي

Gul Hayat Institute

جس کون نهين لڳا نوشه داوتي راج ڳهيلي
"روحل" راز ضنم دا جنهن تي ساماڻي سهج سهيلي

ک

کوجو کامڻ کيتو دلبر بار برهه بچايو
چپ چپاتي ستي کون گهن دستون پکڙ جڳايو
دل اندر ديدار کيتوسي وچڙيا ڦيري ملايو
"روحل" ريجهه رهيا رنگ تيڏي اکين عين وکايو.

ڏ

ڏتا ساقي شوق شرابون پُر کر جام پيالا
گردش دور فلک دا سارا مت ڳيا ڏک کشالا
عشق خمار چڙهيا من ميڏي سدا منگن متوالا
"روحل" رنگ رانجهن داچوکا چوڙ کيڙا منهن کالا

د

ديدار دروني اندر پاءِ ڏني جب جهاتي
تتا تاڙا کلف کفر دا ٿيا ذکر گهٽ ذاتي
اکڙيان اکين رنگ لڳو سي کليا باغ جناني
"روحل" عشق پيالا پيتا کنون وصال حياتي

خ

خانزاد پانهي جنهن در دي تنهن ستي کيها ماڻان
نال سائين دي کيهڙا ليکا جنهندا پيتا تاڻان
عشق جنهن دل اندر آکي لونءِ لونءِ وچ سماڻان
"روحل" آپ تنهن کو ڏتا جنهن هٿ جيءُ وکاڻان

Gul Hayat Institute

الف

اٿ سندر ٻهه رنگي مورت من ميڏي وچ اٽڪي
لڳا عشق وسرڳيءَ ڪايا مٺ ڳيءَ ممتا مٽڪي
جنهن دي سڪ سوئي شهه پايا لٽڪ تهين دي لٽڪي
”روحل“ پريت لڳي تنهن دي چوٽي دل چل چٽڪي.

د

دنيا ڏونڊ تي طالب ڪُتي سينا مل ڪر تاٽي
هڏي اتي هوڏتنهاندي وڙهندي عمر وهاٽي
انڌيان عشق الله دا ڇوڙيا ٻني ولوڙن پاٽي
”روحل“ راهه رباني ٻاجهون ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاٽي.

ح

حج حضور تنهين ڪون لکيا سچ سڪ جنهين دي
دل درياهه محبت دي وچ تانگهن تانگهه تنهين دي
رهن بي پرواهه هميشه ڪيا پرواهه ڪنهين دي
”روحل“ رنگ رباني لاڳا پني آس منهين دي.

ڪ

ڪايا ميت پريت ڪر پٽرا تون محبت ڪلس چڙهائين
من محراب سدا لک قبلي جي تون شاهه ريجهائين
پنج جماعتي پڙهن نماز ان هر دم سانجهي صباحين
”روحل“ روح ڪيتا مل سجدا حج حضور اتاهين.

چ

چڪي دل دروني اندر بني حوض ڪوثر دي
پر ڪريتي شوق شرابون وتي عشق امر دي
جنهن گهر ڪون مين ڏونڍيندي گهٽي لڌي تنهن گهردي.

Gul Hayat Institute

"روحــل" رات ڳئـي دن پـايـا صـورت دلـبـر دي.

ع

عــشـق چراغ ٽـيـاجب روشـن ٿـئـي رات انـڌيـري.
گـيـا آنـجـن ٿي پـاءِ اکـين دي الـٽـي کـاڍي ڦـيـري
جت ديـدان ات درسـي سـڀ گـهـٽ صـورت مـيـري
"روحـل" رات ڳئـي دن پـايـانـا کـو ويـرنـہ ويـري.

سر سهڻي:

## بيت

ڪـچـي جـي ڳـنــن جـي جـنـيــن چـري وس
سـي پـکـي پـيـرنـہ ڏيـنـديـون مـن کـي چارو ڏي چس
"روحــل" چـوي تــن جي جيـئـري جايــون کــس
سي ليـٽـي پـونـديـون لَسَ تون مـيـنـهـون پَسُ مَ مـتـيـون.

★

ڪـچو جي چاريـن پـيـٽ چـٽـائـي پـانـهـجي
لالــچ لــڳـي لــوڀ جي ويـنــديــون نــہ واريــن
"روحــل" چـوي ريـج ۾ مـيــنــهـون سـڀ مـاريــن
هــنـجـون سـي هـاريـن ٽـوري گـهـٽـي ڏيـنـهـڙي.

★

جن چـلـهـڻ سـان چاءُ سـي مـيـنـهـون پـس مـيـتـون
ڳـانــيــون ڳـچـيءَ جـون سـي کــٽــيـن کــيــري جـاءِ
جڏهن ورنـدي واهُ نـدي واءُ تڏهن جائـون پـونـدن جـان ۾.

★

مَانـجـي جيــرا جن جـا پــکــي کــپــڙا پــاک
چـارو سـو چـرنـديـون جـو مـوريـو مـيـنـهـن مـاک
"روحـل" چـوي ريـج کـان تـن جي سرهـي سُـچي سـاک

سي ٽڪي ڏين نہ ٽاڪ اندر اڇا جن جا.

★

پڪو جي چرن تن جون مينهون پَسُ مَ ميرهون
اوسر اڇي نہ ان کي توٽي گاهہ ٻُرن
"روحل" ريج نہ رنجيون هوجي ڦانڪين منجهہ ڦرن
سي هڏين ڪين مٽن ڏڪائيءَ جي ڏک سان

★

ڪاڇوٽا ڪچين طنابي تڪَ تاب مٿون
آٿي لام منڌي ۾ ٽا سوءَ سنيون سارين
"روحل" راتر تن جا ٽا نالا پڪارين
سا ڪچي ٽا چاڙهين ساپڪي تيندي پڌري.

## سر پورب:

## بيت

جي ننگ چڏي نانگا ٿياتن نانگن کهڙا ننگ
گنگا ۾ ڀرگرنارجا تن سامين چڏيا سنگ
نڪي واهن سگيون نڪي چورن چنگ
"روحل" لڳو رنگ تن لاهوتين لقاءَ جو.

★

جي تن ۾ تيرٿ ڪن سي گنگا وڃن نہ گوڏڙيا
تن سامين سنڌيءَ سڪ جا ٽا دونهان درد دکن
پير سچا تو پر جو لوچي وڃي لاهوتين
لڳو رنگ "روحل" چئي اندر آديسين
ڪوجي ڪاهوڙين اونهي ۾ آسڻ ڪيا.

★

اونهحي ۾ آسڻ ڪري وڃي ماڳ لڌائون ماور
تن تي جا اٿ ئي پهر اڪنڊ ۾ ٿا ڪن تنواروڻ طور
اٿ "روحل" رات نه ڏينهن ڪو نڪوسنت نه سور
وڃي نوريءَ گڏ يا نور لنگهي پيا لاهوت ڪان.
نائي ڪنڌ ڪمان ڪان جن نهاريو ناسوت
راتيان ڏينهان "روحل" چئي اهي ماڻن ٿا ملڪوت
پير سڃاڻي پر جو وڃي جُتا ۾ جبروت
جوڳي جفائون ڪري لنگهي پيا لاهوت
سي آديسي آدوت وڃي نانگا گڏيا نات ڪي.

★

نانگا گڏجي ناتِ سان وري ٻيو پَهُ پيون
ساڳٽيائون ڳالهڙي جوڳر ڏس ڏِتُنِ
لاحجاب بيني وبينڪ وچوپن سپ ويون
تهون پوءِ پيون وڃي پيوند پيچ پريڻ سان.

## سر توحيد رباني:

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ اٿئي قيمت سندو قطرو
ڪوري ڪڍ قلوب مان مدائيءَ جو ماڻ
پري نهارڻ پرکي آهي سندو چئن چاڻ
نت سائين توهي ساڻ راتيان ڏيهان "روحل" چئي.

★

صحيح سڃاڻج سچ مڙج مَ ملامت ڪئون
گهڙي پنهنجي گهٽ م پرواني جيان پچ
ماري ڪڍج من مان ڪوڙائيءَ جو ڪچ
رنگ پريان جي رچ راتيان ڏينهان "روحل" چئي.

جي لڳو اٿي تان لاءِ هنيئڙو حبيبن سين
پائي پيچ پريت جا سپريان ڏي ساهه
وحدت ۾ تي واهه "روحل" رتي روح ۾
جي لڳو آهين تان لڳ پريان سندي پيچري
من مئون محبوبن جو صحيح سڃاڻج سڳُ
ڇڏي جوئو جڳ وڃي "روحل" رتج رنگ ۾.

★

پڙهيا "ويد" ڪتاب جا تا ڏين ڏورانهان ڏس
سي سڄ سڃاڻن ڪينڪي موهيا پسي مَسُ
راتيان ڏينهان "روحل" چوي رڙهي تنهن ڪي رس
پير پريان جو پَس نائي ڪنڌ قلوب ۾.

★

پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق ڦير
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اڪر اير
ساڻ سهائي سچ جي چا موافق ٿيندو مير
جن صحيح سڃاتو پير "روحل" رات نه تن ڪي

★

پڙهي پرجهيو جن سي عاقل عقل جا ڏٺي
سي موتو تي محبت ۾ پل پل پرين پسن
تن تسليون تمام ڪيون محب جن جي من
"روحل" متان تن لٿا حرف حساب جا

★

ڪاتب ڪاني ڪانهن جيان ڪاغذ تي مَ ڪاهه
اڪر جي ادراڪ جا تَهُن ۾ لکي لاهه

Gul Hayat Institute

قلم جو قلوب جو مٿي وحدت واهِ
سپرينءَ ڏي ساهه ”روحل“ رتي روح ۾.

★

ڪفرءِ اسلام ۾ تا ٻرن ابتا پير
هڪ هندو ٻيا مسلمان تيون وچ وڏائون وير
انٽن اوندهه نه لهي تن کي سچ چوندو ڪير
پر ”روحل“ راهه پرينءَ جو گهڙي ڏٺو سي گهير
نه رب مڙني ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند ناهي ڦير
ساڪا ڏي ڪندي پير جاستي ڪعبي وچ ۾.

★

نه مون سڌ نه سار اچي عشق اتاريو اوچتو
”روحل“ چوي روح ۾ تن پرين جي پچار
سي اڳڻ آيا سپرين ياد ڪريندي يار
ٺريا نيڻن نار پسي منهن محبوب جو

★

نه مون جن نه ڪن اچي عشق اتاريو اوچتو
”روحل“ چوي روح محبت آهي محبوبن
سي سچڻ آئيا تات جنين جي تن
ڄيءَ جڙ لڳي جن سي سائينءَ ميڙيا سپرين

★

جي ڄاتم ڄاڻ تـه وسين ويڙهي وچ ۾
عشق جي اهاءَ تي اچي ۾ پسايو پاڻ
”روحل“ رنگ پسي ڪري يڪو ممتا ماڻ
سائين سدا ساڻ مون اڳيان آٿي تي اجهيو.

Gul Hayat Institute

ٻڌان جان ٻيهار تانِ تون اکين کان پي اوڏڙو
”روحل“ وسين روح ۾ وٽ نه پايان وار
جيئن جو سج صبح جو ٿو کري باغ بهار
بيت نه پائيو ماڻهو ڏهي وحدت جو ويچار
دل ۾ کيا ديدار عشق جنين اکين سين.

★

جن کي عشق اندر ۾ تن کي اڄ نه بک
وحدت منجهه وصال جي ٿا سدا ماڻن سک
ڏور تنين کان ڏک جي ”روحل“ رتا روح ۾.

★

پنهنجون اکيون پاڻ ۾ جوڙي رکيون جن
سي سؤ پيرا ساعت ۾ ٿا پل پل پرين پسن
تن تعصيلون تمام کيون محب جنين جي من
”روحل“ متان تن لٿا حرف حساب جا

★

وڻج وهائڻ کاڻ چو ويين ٻئي هَٽِ
توکي پٽ پٽيهر پنهنجو اٿي وڻج مڙوئي وَٽِ
جنهن ۾ نشو نيهن جو ساکا کوٽي پٽ
”روحل“ محبت مور نہ مٽ توکي سک مان ڏيندو سوجهرو.

## سر نوري ڄام تماچي:

کني کوڙهي کوڙي اٿي نيچ نماڻي
سگ سمي جي سُون کني سي جڳ سيباڻي
جنهن راڻ ريجهايو پنهنجو سا ”روحل“ ٿي راڻي
ٻامر مرکي مهاڻي کانڌ جنهين جي کڇ ۾

Gul Hayat Institute

ڪانڌ جنهين جي ڪچ ۾ ساٿي سرئون سَر
سمي جي سهاڳ سان جنهن کي آيو نام نظر
جا مئيءَ منجهئون ماڻهون ٿي "روحل" چئي اُپر
ساڇوگهمي گهر هوت جنهين جو حمايتي.

★

رب ٿيو راضي تڏهن سالڪ جو سنگ ٿيو
ڪامل جي ڪرم سان ٿي اٽڪ ڪان آجي
رهي نه رتيءَ جيتري "روحل" محتاجي
نوري نوازي چام سمي چاڙي ٻجهي.

## سر جوڳي:

جي پائين جوڳي ٿيان ڇڏ جيئڻ هي جنجال
ڪارڻ قوت ڪرار جي هٿئون ڏئين حال
راتيان ڏينهان روح ۾ خام ڳٽي تو خيال
اڄ سياٽي ڪنڌ تي ڪڙڪي ايندئي ڪال
هي مڏينون هي مال ڪم نه ايندئي ڪڏهن

★

سائين سڀاجهو سڀ جو آهي راهه رفيق
آڏو آهي عشق جو بيحد بحر عميق
توحيدي طريق "روحل" نه سجهي عام تو.

★

عاشق الاهي اياجي قضا ڪين ڪرين
نائي ڪنڌ قلوب تان نمازون نيتن
ڏين طوافون تن کي مڪوئي منجهين
روحل "روح" سندين هر دم هوندو حج ۾

Gul Hayat Institute

برهہ بيراڳ جي جن کي جڙلڳي منجهہ جيءَ
سوجهي سچ سرير مٿون تن پريمين پاتوپي
مرڻ جيئڻ جو من مٿون تن سامين لاتو سيءَ
نات نماڻو تي تہ وجي "روحل" رتو رام سان

★

جي رنگ رچي رام جي لاهوتي ٿيا لال
سنر ڏنائون سٽ ۾ کايا مايا مال
وياتن کئون وسري کوڙا سڀ خيال
راتيان ڏينهان "روحل" چئي واليءَ ساڻ وصال
سي نانگ سدا نهال جن درسن پايو دوست جو.

★

جي تن ۾ تيرٿ کن سي گنگا وڃن نہ گوڏڙيا
تن سامين سندي سک جا ٿيا دونهان دل ۾ دکن
پير سڃاتو پر جو لوچي لاهوتين
لڳو رنگ "روحل" چئي اندر آديسين
کوجي ڪاهوڙين اونهي ۾ آسڻ کيا.

★

اونهي ۾ آسڻ کري وڃي ماڳ لڌائون مور
تن جا اٿ ئي پهر اکند ۾ ٿاکن تنوارون تور
اٿ "روحل" رات نہ ڏينهن کو نکوشش نہ سور
وڃي نوري گڏ يا نور لنگهي پيا لاهوت کان.

★

نائي کند کياهہ کان جن نهاريون ناسوت
رات ڏينهن روحل چوي ماڻن ٿا ملکوت

Gul Hayat Institute

پير سچائي پرجو جهت ۾ جبروت
جوڳي حفائون ڪري لنگهي پيا لاهوت
سي آديسي آڏوت وڃي ناٿ گڏيا ناٿ کي

★

ناٿ گڏجي ناٿ سان وري پيو پهه پيون
ساڳٽايون ڳالهڙي جوڳر ڏس ڏنون
لاحجاب بيني ونيڪ وڃون سپ وچون
تنهون پلئه پيون پيوند پيچ پرينءَ سان

★

جو پهه پيو جوڳن تن ڳايون ڪلتائون
جاترا جوڳ جهار جي مور نه مچائون
سايون ۽ سوجهائون جنهن ۾ جوڳ نه يوڳ کو.

★

کو پهه پيو جوڳن پريان تنهن پار
جت گنگا نه گودڙي نڪو جوڳ جُهار
نڪو ذڪر نه فڪر ڪو نڪو سڏ تنوار
نڪا رات نه ڏينهن ڪونڪا جيت نه هار
پيهي لڌائون پيچرو اونهو جت اُجهار
لڳو رنگ "روحل" چئي اتي آديسين اپار
جنهن جو آرنه پار جي تت ڪيائون تڪيو.

## ڪافيون:

سچڻ مون پرکيو رهيو اندر روح ۾
رهيو اندر روح سائين سانجهه صبوح
اڃو ڪندس ان جا تاري متان توهه

Gul Hayat Institute

منهنجو من مٺي پيو چڙهي ڪارا ڪوهه
وڻ ٽڻ وائي هڪڙي پريان جي پاڀوهه
سينگاريندس سنگ جيان ڏيئي روغن روح
"روحل" رتو رنگ ۾ ويٺو ڪري وروهه.

★

پوءِ ٻروڙيم پنڌ وو جيجان جو ڳيڙن جو
نڪي ڍاهي هليا نڪي جوڙيائون هنڌ
نڪي ڏوتائون ڏوتيون نڪي ڏوتائون لنگ
نانگا نڪتا ننگ مٿون تن نانگن کهڙو ننگ
لڳو لاهوتين جو "روحل" تو ڪي رنگ.

★

سانول تنهنجي سڪ ڏاڍي شهر پنيور ۾
گجهيون ڳالهيون شهر پنيور جون لوڪون ڪرلڪ لاءِ
راتيان ڏينهان روح ۾ چولي ڪيو چڪ چڪ
سر ڏئي سرڪي سي پئن وٽيءَ ۾ پڪ پڪ
"روحل" روح الله سان وڃي ٿيو هڪ هڪ.

★

ڏونگر ڇا ڪندو جبل ڇا ڪندو جڏهن پئي آهيان حبيبن هنج ۾
بحاليءَ جي مڪان ۾ راس ڪونه رهندو
سچو امر الله جو وات وٽي هلبو
جاني هن جهان ۾ وت رَت روئندو
هيلا ڪيم هزار وريو ڪونه ورندو
"روحل" روءَ نه ايڏو هل پيرين پنڌ ڪندو
پل صراط جي وات لحظي ۾ لنگهندو.

Gul Hayat Institute

کنبڙيءَ ۾ ڪلتار ڏنوسي رانجهو رمزن وارو يار
وفي ان فسڪم افلا تبصرون مخفي هي اسرار
رمز اندن جي ڪو ڪو پرکي برهه جو باري بار
وهدت واري وات ونج تون وٺي نه آڇ وار
"روحل" رهجان رمز انهيءَ ۾ هي سڀ کوڙي ڪار

★

يار منهنجو مير ٿي آيو، ملي سند سنڌ ۾ جيءَ جڳايو
ڏيو مبارڪ ملي سڄڻ کي هنج حبيب جي اچي پئيءَ هان
اهو منهنجو ميران جي ٿي هان ڪري ديدار ڏاڍي سکي ٿي هان
اڱڻ منهنجي پرين پيارو وڄي نوبت نيهن نغارو
رڳ رڳ ۾ وسي ملي آزادي ٻڌي سرپيار جو گيت ڳايان
مان اڄاڻ نيهن ڇا ڄاڻان ساڻ ويچاريءَ ڪرنه ماٺان
"روحل" جو ساهه سيباڻو مون ٻانهي کي ڪٺي ڳل ڪٺي لائجان

★

نيهن لڳو من ۾ پياري جو پياري جو ڪلنگي واري جو
ٻين ماٺهن کي موت ماري تو عاشق قتل نظاري جو
چند اپريو دنيا ڏسي مان ڏسان منهن پياري جو
دنيا ۾ تڙي پيو آهڪ ڳل هزاري جو
"روحل" گهڙي هجر جي وئي ڳولي لڌم گهر پياري جو

★

لڳو تير سڄڻ جو دل ۾ حيران بيٺي آهيان
قاتل اکيون ٻئي يار منهنجي جون روز دنيا ليون وڙهن ٽيون
درد وندن جي مارڻ خاطر فوجون حسن جون چڙهيون
مان جو ڪوٽ ڪڏي اٽڪن رهن جگر ۾ وڙيون

Gul Hayat Institute

”روحل“ روپ رانجهي جون رمزان پائي پيچ اتي ئي اڙيون.

★

هي دل دلبر سائين جندو چوڙو سهندي ناهي
اکيون سکن تيون ڏسڻ خاطر لاهه پر دوکٽي سائين
توکان سوا هي دل ڏاڍي ماندي سيج ستي اکين ننڊ نه ايندي
بيٺي رستي تي پچان ويٺي پانڌي اڏر اڏر ڪانگ اڏاريان
ڪنهن سدوري سڏي پڌايو جا جاڳان ته جاني آيو
اکين ڏسي پرين ڳل لايو شادي جي ڪيڌاٽي دهل وڄايان
عشق سوداگر اهو ڪم ڪيو سر جو سودو رانجهن سان ٿيو
”روحل“ يار مليو هاٽي سڄڻ ڏني ٻانهن سيراندي سدائين سک وٺان.

★

اکڙين پريم جو پيالو پيتو کهڙي سکيون چالي
جت ڏسان اتي مهٽي مورت رانجهي منهنجي واري
رڳ رڳ ۾ آجاءِ جنهن جي جاءِ ناهي ڪا خالي
جنهن دل اندر ديدار نه ڪيو سا ڪاڏي نانگ ڪاري
”روحل“ رنگ رباني رڱيو درجو پايو اعليٰ.

## بيت

نَو نشانيون نور جون عاشقن ۾ آهين
هڪڙي ويهنواڻن تي ٻيو ڪائڻ نه ڪائين
ٽيون سر سپ ڪنهن اڳيان ٿا نميو نوائين
چوٿون ٻڌي ڪنن سان وري نه ورجائين
پنجون پهه پرينءَ سان ٿا پکو پچائين
ڇهون ڪچن ڪينڪي ناتو نباهين
ستون سک سڄڻ جي ٿا لنؤ لنؤ لڳائين

Gul Hayat Institute

اتون ڳالهہ عجيب جي تا واري ورجائين
نائون نند نيڻن کي تا جودئون جاڳائين
تڏهن تا سيبائين "روحل" دوساٽي درپارم.

★

جي پائين جوڳي تيان ڇڏ جيئڻ هي جنجال
کارڻ قوت قرار جي هٿئون ڏيئن حال
راتيان ڏينهان روح ۾ خام ڳٽي تو خيال
اڄ سياٽي کنڌ تي ڪڙڪي ايندئي ڪال
هي مڏيون هي مال ڪم نہ ايندءِ ڪڏهين.

★

ڪچي جي ڳنن جي جنين چري وس
سي پڪي پير نہ ڏينديون تن کي چارو ڏي چس
"روحل" چوي تن جي جيئري جايون ڪس
سي ليٽي پونديون لس تون مينهون پس مَ ميتون.

★

ماٺهون چون روحل تو ڳالهائي ڪو چوي تو ذات زنگيجو
ناهي روحل ناهي ذات زنگيجو هي ڪوسر الاهي آ
ڪفر اسلام ٻنهي کان نيارو جيئن پاٽي اندر ڏسين تارا
دل درياهہ ۾ بيک اسان جو جيئن پاٽيءَ ۾ مڇي آ
ڪٿي ڪوڙو ڪٿي سچو سڏن تا رمز رندن جي نہ ٿي سمجهن تا
هو چا چاٽن سال اسان جو جنهن دل ۾ داغ ڪاڙو آ
ڪامل مرشد راهہ ٻڌائي "روحل" وڃون روحل الله لڏم
آخر ذات ملي وڃ ذاتين ڏئي تو عشق گواهي.

★

رانجهن وسي تو دل جي ويجهو گهوري ڇڏيان تنهن تئون کيڙو
اسان جي پريت سنئي جاءِ جت رهي تو رانجهو ويجهو
ويني ڏسان سانجهي صبوح طنعا ڏين ٿا ڏکيون پيڙان
منهنجي دل ۾ تنهنجون جايو ڊچندي لکي سگهان ماٺهڙا
لڳيون عشق تنهنجي جو نوڪان توبن مور نہ وڻن ويڙها
سيج مٿي ڇڙي دلبر آيو سک مان ڪٽي مون سيني لايو
جنهن جي آهيان اهو مليو لڳي محبت ڪي ڪير ٻگاڙي.
دلبر دل جي دري کولي لک چوراسي جي مون ٻولي سمجهي
”روحل“ چند پيو اڄي جهولي تتا سيالن جا ڪوڙا جهڙا

بيت

هير ڪنون تدبير ڪٿي جڏ ان پريم پڙهايس پَٽي
نيٺن نند نہ آوس نيڙي هير پٽي سر پٽي
سالهون ساڙ سٽي سراتون پاڙ کيڙان دي پٽي
چتي چوڙ پٽي اتي چار ماري سر پٽي
جهوڪ ڏهون ول ويندي هيري پاڙ کيڙيان دي پٽي
ڏيندي ٻاهہ کيڙيان دي ويڙهيان ڪون اوڇو ڏٽيئون سر پٽي
”روحل“ رانجهون هيردا يارو عشق لڳا لت پٽي.

★

پکو چرن تن جون مينهون پس مَ ميريون
اوسو اڄي نہ ان کي توڙي گاهہ ٻرن
”روحل“ ريجهہ نہ رنجيون جي ٿانگين منجهہ ڦرن
سي مڏين کين مرن ڏوگاهي جي ڏک سان ’

★

مارڻ هيردي کيتي کيڙا نت نت گڏان ڪٽي

پاسا پلنگ نہ ڏيندي هيري ڳُھہ کيڙيان دي ڪتي
کاندي مول نہ طعامان هيري ٻن کيڙيان دي ڪتي
شربت هار گھتي ناپيوي ڳُھہ کيڙيان دي ڪتي
"روحل" رانجهو نال شرماوي هير کيڙي تو ن ڪتي.

## قولا:

- فقير جو ملڪ نرالو آءَ سڀ ماڻهون اورتي رهجي ويا.
- پرين جي محبت اهڙي تہ لڳي آهي جو ٻيون ڳالهيون پلجي ويو آهيان
- جنهن گهر مان تون آئين ان گهر ڪلندو ٻين سان گڏ وڃ.
- برسا پيار جا بادل گهنا مينهن برهہ جي بوند پوي جنهن تي ڏينهن ڏينهن وڌيڪ نياپا موڪلي.
- پياروءُ وٺو املهہ رتن وٺو ڪيئن ڍايا آهيو.
- رب جي نالي جي دولت مرشد ڏني ۽ سرجي سودي ۾ پيالو پياريو.
- روحل نام رکايم مان آهيان پاڻ اهوئي سر رب جو سرڏٽي سڀ فقير جي سر جو تاج
- فقير جند جي ڳٽي ڇوڪري منهنجو رب تہ وڏو شاهوڪار آهي
- رب جي ورد ۽ رب جو نياپو سڏ نيا پي جي نہ رکيہ
- رب رب ڪري لاهي نہ پهتا اهو اولو آهي.
- هندو ترڪ ٻئي ظاهر ٿيا چئي سمجهائي ٻنهي کي سڏيم جيڪو بہ اچي منهنجي راهہ ان کي امرلوڪ وٺي ويندس.

Gul Hayat Institute

روحل ۾ ئي رڱجي ويو مرشد جي روشنيءَ سان

• روپ روپ ۾ ڪيئي روپ ڏنم جتي ڪتي روپ

مرشد ڳالهه سمجهائي تہ روحل روپئون روپ

• منهنجو تہ رب سان پيارو ٿي ويو آهي.

• جن عشق جي چاشني چکي ڏٺي ۽ پيتائون پريم جو پيالو

اهي چاڻندا ٻيءِ کي ڇا خبر

• مان اياڻو نيهن ڇا ڄاڻان برهہ بہ شيهير

نانگ ساماڻو کهڙو نہ ڏنگ هنيائين

• رانجهن رب کان دعا گهري ورتم

روحل توبهہ آڪيڙن پيڙن کان

• لکي ڪو ڄاڻي تن ۾ جنهن کي سور پهريان مري پوءِ جيئي

امر پيالو اهو فقير پيئي.

Gul Hayat Institute

عاشق اوراد ۾ ايـاسـي قـضـا ڪـيـن ڪـريـن
نـائـي ڪـنـڌ قـلـوب ۾ تـا نمـازون نـيـتن
تـن طـواف تـن ۾ مـڪـوئـي مـنـجـهـيـن
"روحـل" روح سـنـديـن هـر دم آهـي حـج ۾

★

نـڪـو خيـر ڪـلـڻ ۾ نـڪـو روئـڻ م رس
نـڪـو سـڪ سـمـهـڻ ۾ نـڪـو جاڳڻ ۾ جس
ذڪـر سـاڻ زبـان ڪـرڻ ايءَ پـڻ اوريـون ڏس
تون من جو مرشد پس "روحل" پنهنجي روح ۾

★

ٿـبـي هـٿـي پـاڻ ۾ پـسـڻ جان پـيـهـي
تـہ نـڪـا خلق نـڪـو مَلڪ نـڪـي اسين ئـي
اسـيـن ڳـولـيـون جن ڪـي سـي پـڻ اسـيـن ئـي
ہي وائي ويئي "روحل" هونگ پريان دي هڪڙي

★

ٻَـڪـن مڙيـئـي بـات تـات نـہ ڪـنـهـن جي تـن ۾
ٻـڌيـون سـٽـيـون ڳـالـهڙيـون تـا واڪـاڻـن وات
پر ظاهر ٿيندن ذات رهنٽيءَ مان "روحل" چوي

★

جن ويـراڳ وجود ۾ "روحـل" سـي راڻـا
وڃي در دوسـتـن جي صـوفـي سـامـاڻـا
اهـي اڳـهـاڻـا جن وتـي واٽ ويـراڳ جي

★

Gul Hayat Institute

برهہ ۽ بيراڳ جي جن کي جڙلڳي منجهہ جيءَ
سوجهي سچ سرير مئون تن پريئين پاتو پيءُ
مرڻ جيئڻ جومن مئون تن سامين لٿو سيءُ
نات نماڻا تي وڃي "روحل" رتا رام سين.

★

جي رنگ رچي رام جي لاهوتي تيا لال
سر ڏنائون ست پر ۽ کايا مايا مال
ويا تنين کئون وسري کوڙا سڀ خيال
راتو ڏينهان "روحل" چوي واليءَ ساڻ وصال
سي نانگا سدا نهال جن درشن پاتو دوست جو

★

جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا تن نانگن کهڙو ننگ
گنگا ۽ گرنار پر تن سامين ڇڏيو سنگ
نکي واهن سگيون نکي چورن چنگ
"روحل" لڳو رنگ تن لاهوتين لقاءَ جو.

★

**شاهوءَ فقير جا سوال**
**روحل سائين جا جواب**

سوال: پوري گرکون کيون کر لکيئي کبڌ پڙي پهچان
شاهواب عرض کري ڏيو وسرپ گيان
گيان بنا گم نا پڙي جب ست گرُ کهہ سمجهاءِ
شاهو پر کرپا کرو ڏيو ترت لکاءِ

★

جواب: ست گر پورڻ پُرس هي سدا رهي بي پرواهہ

Gul Hayat Institute

روحل ار راجه پَيورا جن کو پاتشاهه
رنگ اوچو اُو جلو نيشان ماهين نور
روحل وچن ٻولئي موتي پڙي کوئي چڳي هنس سور
ناهين کام ناهين ڪرود ناهين لوڀ نه موهه
آشانا ترشنا وانکي دغا باج ناهين ڊوهه.

★

سوال: اوتو ست گُر آپ هو ڪنچل نر آڌار
سرب ستي کي نات هو صاحب سرجڻ هار
ميري تورب آپ هو ڏو جهانا هين کوءِ
ايک چيلا ڏوجهاست گُرو تيجا صاحب هوءِ
ان تينا کانرٿا ڪرو ايک ايک بيچار
کرو سيڙا هم سون ڪ سيد کي پرکار

★

جواب: جيون سورج آکاس ماهين ڏيسنت هي کاشي
اس کاشي کو چلتو ييو پهونت هي واشي
تيون سَت گرُ چيلي کو بيچار تينان ماهين ايک
ايکوئي ايهو ايک هي جس مون سَرب انيک
ڏيکنت چولي دنيائي کري کو سنت برول
کوج بتائون اپوجهه کون پرم متاون ڀول.

★

سوال: آپ تي اِت پت کم کريئي کم کر منديو ماندان
شاهو کهي صاحبا اس کو کيجي چاڻ
پهلي کياهتا پيچي کياپيا کيا کيار چيار کيل
شاهو سرٽي آپ کي آپ کهو کوئي اُکيل

نام روپ سڀ ترنگ جل کيون کراترون پار
ست گور پورا کا ڊلي پکڙ اتارو پار

★

شاهو آتم رام سڀ دور درشت سڀ تياڳ
سُن ري مورک چيت تون اڳيان نند سون جاڳ

★

غلام علي فقير ڀهريون دوها

غلام علي اب آپ مئون سهجين رهيو سماءُ
گور شاهوکي چرن ليو جب سيس لڳاءِ

★

دودن کانيهڙا لڳا تين گٿا کي تيک
غلام علي اب آپ هي کم ييوا ايک انيک

★

پڳوان سارا سمنڊ هي اور لهراسي کي مانه
غلام علي پڇاٿيا ته لهر سمنڊ بن ناهه

★

کرم شيوا رام کي جو جڳت کو مول رام
داس کو تان داس هي ايهه توجن غلام

دريا خان فقير دوها

پريم پارکو کونهين جو کري پريم پڇان
دريا خان جس گهٽ پريم هي اونهان پر گهٽ گيان وگيان

★

ايک کهون تو ٻوڏسي اور دو کهون تو تين

Gul Hayat Institute

تم ست گُور ڪا وڏيان هومئن هون مت اڏين
لک پيولائين ڪروڙين قربان ڪرين
وائي اگم نگم مجي مُک سان تو ڳائين
جڏهين پاڻ وڃائين تڏهن پسين پرڪي

★

جنسين پسيو پرِ ڪي سُڪي تيا سيئي
اندر ٻاهر انهن ڪان درشٽ هڪا پيئي
جنم ۽ مرڻ جي چنتا سڀ ويئي
پاڻ ۾ پيهي ڏٺئون الک اکين سان

**نظر علي فقير: ڪافي**

مون من تيو مستان ٻڌي ڳالهه پرين ۽ جي
دل دور ڪاڻو دايون
عشق عشاقن آيو ڏس تو ۾ ڪري طوران
سمش الحق منصور جي سر ستم ستو صغان
باري بار برهه جو سائين ڪنيو نه زمين نه آسمان
ڪوڙين مئون ڪي نامور سائين گوءِ ڪٽڻ ميدان
جرئون ڏنائين جوش مئون ڪيائين بندي تي احسان
اوڪائي باب ڪئون ڪدي ڪيائين صحيون سلطان
رحمون ”روحل“ شاهه ڏنوسون چسب چارو چوغان
وجي وڏائين ملڪ انهيءَ ۾ جت نادين نا ڪفران
لڪين لهريون لس وهن ٻيو موج متومهراڻ
حق حقيقت تي هڪڙي ڪنهن سرسليو سبحان
دولهه دريا خان ڏنو سون بيبهادر دان
ڪڻ الم هٽ عشق جو اک نيهن نظر علي نيشان

Gul Hayat Institute

**ر محمد فقير "مسڪين" ڪافي**

عاشق آهيان اسرار صوفي سر سڏايان ٿو.
صوفي سر سڏايان ٿو پنهنجو پاڻ ڇپايان ٿون.
عشق ڳالھ انهيءَ جو ڳولو وهم دوئيءَ جو ڀڃي ڇڏ ڀولو
نيهن ڪيو نروار رنگ ۾ رنگ رلايان ٿو
مول تخت چڙهي آسڻ ڄاتم ضحي ڪري پنهنجو پاڻ سڃاتم
گل ٿيا گلزار لنءُ لنءُ منجھ لڪايان ٿو
دل درياھ جون موجون ماڻيم وهم دوئي ڍاهي سڀ ڏاريم
عشق لڳو اگم اپارسوَ هئن سبق پڙهايان ٿو
سن ٿنڪر چڙهي ڪيم بستارو ايريو سچ حقيقت وارو
اتي اچي ٿيس اظهار "در محمد" نام ڌرايان ٿو.

**نواب فقير:**

جڏهن عشق اجارو جايو تڏهن عاشق کهڙا مڙڻ وھ واھ
عشق مومل جي ڪيا پسارا نت نت گهائن گهوٽ ڪنوارا
محبت محل اڏايو ڪيائين مقام مسڻ وھ واھ
عشق جي جولان م محبت جي ميدان ۾
پيچ پرتئون پايو لُڏي لائق سو مُور مڪڻ وھ واھ
عشق عقل ڪيو جهيڙو جهڳڙو عشق فرهاد من ڪي لڳڙو
مٿن جو ٽڪر ٽُڪايو پٽي پاڙئون سوپاڙ پهڻ وھ واھ
نيهن جونانگ جنهن کي ڪائني توڙي حڪيم طبيب پڇائي
سوين حڪيم سڏايو لڳس عشق تہ ڪاڊس ڪڻ وھ واھ
رمني "روحل" روح ۾ آيو ڪيئن لڪايان رهي نہ ڇپايو
جنهن جو نيهن نواب سوايو تنهن جا پڏرا پار لڇڻ وھ واھ

★

**علي نواز فقير:**

ستي هوتي هم جاڳي ميري مندر سکي صاحب آيو
ستي هوتي موهہ ست گوُر جڳايو نندر اڳيان کي ڀاڳي
پيالو پايو سبد سنايو ترت پيو هم تياڳي
انترما مانهہ رهيہ غلطانہ پريت پيا سنگ لاڳي
گور پرتاب پريم پچن سون پايو پورن پد ساڳي
علي نواز دريا خان ست گور آءُ مليو اڻ راڳي

کرم علي فقير **کافي**

کيو حيران اوهان جي ديدار مونکي
ناهي سک آرام جو خيال مونکي
مئہ پيالو پيئان سڄڻ سان نيئي گڏ رهان
ناهي ملان قاضيءَ جي پرواهہ مونکي
ناز اهوان جي مستان کيو نحو صرف جو کسب وايو
ناهي روزو نہ ياد نماز مونکي
خيال زلف جي کمند وڌ اوسري ويا سڀ ڏنڌا
"کرم علي" چوي سک جو آهي ساز مونکي

★

عاشق الست وڃن حاجي مکي وڃن
هو سڄ پسي سرها ٿيا هو تن ۾ طوافون کن
الست بربکم ٻڌائون تہ ساڻ کنن
هر دم پاڻ ڏسن کٿي قلب اندر "کرم علي" چئي

★

عاشق عشق ۾ ستِ وجود جوڙين
کعبو قبلو پنهنجو پاڻ ۾ جوڙين

منجهہ چشمون الله جو تنهن ۾ خيال ڪوڙين
ڏيل اندر ڏورين قلب اندر "ڪرم علي "چئي.

## خدا بخش فقير سي حرفي

الله دي ذات اول هي رنگ نڪويرنگي
ڪن فيڪون وچون جڳ جوڙيس بيرنگي تيارنگي
ڪٿان ايراني ڪٿان عراقي ڪٿان رومي ڪٿان زنگي
ڪٿان سُني ڪٿان شيعا ڪٿان صوفي ڪٿان ڀنگي
"خدا بخش" هِڪا حق ڪنون اسان محبت منگي

★

قلب مؤمن دا جنهن ڪون آکن عرشي الاهي
عرش سيئي هن فرش جتاهين برهہ سندي بادشاهي
سچي سڪ والي وچ ملدي ڪُوڙئين ڪل نہ ڪائي
"خدا بخش" ملين دم دم وچ هي جڳ فنا فنا هي

## فقير محمد حسن

ڪافي

دلدار ڏي دلاسو دلبر آهيان ديواني
چڙهيو شوق وچون شڪاري ماريوني ڪان ڪاري
دلڙي ڦٿيئي ويچاري هي هي ٿي هان حيراني
نيڻا دي وچ فوج چٽڪي مزگان دي ديک ڪٽڪي
هٽڪي نہ مول هٽڪي اها رضا تہ رباني
رو وربچان مين راهان نت نت ڪران نگاهان
باليئي برهہ ديان باهيان جِي جَل رهيا وي جاني
"محمد حسن" مدامي در تيڏي سلامي
دعوا رکي غلامي ڪر محب مهرباني.

**ڪنڊڙيءَ جي درگاهہ جا طالب:**

**صوفي جلال فقير ٽالپور ٽالپر وڏا**

سورهن ڇٽيون مون ڏٺيون آهن لال رتيون
هر ڪنهن ڪان هيڪليون ورهائي ورتون
ڪنين سان رٺيون تہ ڪنين سان پرتيون
اڇي هوڏهون پاڻ تہ هنيائون شرطون
وڏي ڪير جلال چوي ساهيڙيون سرتيون

**صوفي ٽانور داس شڪارپور:**

اوهين سوال ڪريو رب کي سرتيون
هي نماڻي ملي وڃي پنهنجي ورڪي
پنڌ پتر جو اديون مون اختيار ڪيو
پوءِ پنهل جي پلا ڪنديس ڪچاڙو
آءٌ تي ظاهر چوان سڀ کي سرتيون
پارت ڪريو ڪا منهنجي پرور کي

★

قرب ٽانور سان ڪريو آرياڻي
پنهل آيو پاڻ سڄاڻي
جنهن جو قدم لڳو لب کي سرتيون
اهو عرض آهي صوفي سرور کي

**مراد فقير زنگيجو:**

مراد فقير روحل فقير جو پهريون طالب جو
جيڪو روحل فقير سان گڏ رهيو ۽ سندس
روحل فقير جو وڏو راز هو
مراد فقير تمام سٺو صوفي شاعر بہ هو
سندس ڪلام مان بيت بہ هتي ڏجي ٿو

Gul Hayat Institute

پـهـريـن مـارج پـاڻ پـوءِ نـهـارج پـريـنءَ کـي
هوت تنهنجي هنج ۾ پر موتو ٿي تون ماڻ
اصـل عـاشـقـن جو اٿـئـي اهـوئـي اهـڃاڻ
ساهڻون اوڏو ساڻ اٿـئي محب مراد چوي.

★

ٺـوڙهـ مـنـائـي ٺـوٺ ڪـٺـي مُـنـائـي نـہ مـن
اولـو ڪـري عـام ڪـان تـو پـنـيـن اَٽـا ان
ڪـاپـڙي تـو ڪـن چـسـن لاءِ چيـرايـا.

★

اهـي واسـنِگ ٺـي ويـا جنـين مـڻ مـتـي ۾
مـڇي خور "مـراد چوي" آهـن گـهـٽـائـي ٻـيـا
وڃي هـاڻ رهـيـے سـانـدبن جهـڙا سَپـڙا.

حق موجود

Gul Hayat Institute

**سرائيڪي بيت:-**

دنيا ڍونڍ تي طالب ڪُتي سڀنامل ڪرتاٽي
هڏي اتي هوڏ تنهان دي وڙهندي عمر وهاٽي
انديان عشق الله دا چوڙيا پئي ولوڙن پاٽي
”روحل“ راهه رباني ٻاجهون ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاٽي.

★

ڪايا مسيت ريت ڪو پر ڪرٽي ڪلس چڙهائين
من محراب سدا رک قبلي جي تون شاهه ريجهائين
پنج جماعتي پڑهن نمازان هردم سانجهي صباحين
”روحل“ روح ڪيتامِل سجدا حج حضور اٽائين

★

حج حضور تنهين ڪون لڪيا سچي سڪ جنهين دي
دل درياهه محبت دي وچ تانگهن تانگهه تنهيندي.
”روحل“ رنگ رباني لاٻاپُني آس مينهن دي

★

جڪي دل دروني اندر بني حوض ڪوثر دي
پرڪر پيتي شوق شرابون وٽي عشق امر دي.
جنهن گهر ڪون مين نت ڍونڍيندي
گهتي لهي تنهن گهرڏي
”روحل“ رات گئي دن پايا سڀ صورت دلبردي

★

عشق چراغ ٿيا جب روشن بيتي رات انڌيري
گيان انجن پاءِ اکين دي الٽي ڪاڏي ڦيري.

Gul Hayat Institute

جت ڏِيکان تت درسني سڀ گهٽ صورت ميري.
"روحل" رات ڳئي دن پايا تان کو وير نہ ويري.

★

چشم آب حياتي دا دل اندر حوض حضوري،
سردي سودي پيندي عاشق پريت جنهان دي پوري
سي جينديان موتو ٿي ڪري بيٺي پايا سک صبوري
روحل رنگ هڪ دي رتي سي نور ملي وچ نوري

★

چاڻ خودي تان خود کون پهچين
نال خودي کون خود کر پائين
اِهہ دوئي وچ ديدار سجن داجيون درپن وچ چائين
بنا ڪيف لطيف نہ ليدا سُڻ تان سچ اکائين
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا ڍونڍ نہ سجان جائين.

★

ايهہ سنساري ٺڳا ٺڳ بازي اکين نال ڏسوسي
ڏيک تماشا محب ملڻ دا اهو فکر پيوسي
چشم آبحياتي دا دل اندر ڳول لڌوسي
دستئون ساقي ٿيا عنايت پرکر جام پيتوسي
"روحل" وچ رندان دي مجلس نوشہ ڳول لڌوسي،

★

تون درياهہ سُير مئن مڇلي تون سنگ سدا سهيلي
تيڏي عشق بنا جڳ جيوڻ ڏکي عمر ڏهيلي
جس کون نيهن لڳا نوش داروتي اج ڳهيلي

Gul Hayat Institute

"روحل" راز خسم جنهن تي ساماٽي سچ
سهيلي

★

ڪوجو ڪامڻ ڪيتو دلبر باب برهه
بچايو
چپ ستي ڪون دستون پڪڙڪي دوست
جڳايو
دل اندر ديدار ڪيتوسي وچڙيا ٿير
ملايو
"روحل" ريجهه رهيا رنگ توڏي اکيان عين
وڪايو

★

ديدار دروني اندر پاءِ ڏٺي جب
جهاتي
ٿتا تالا ڪلف ڪفردا تيا ذڪر گهت
ذاتي
اڙيان اکين رنگ لڳوسي ڪليا باغ
بسنتي
"روحل" عشق دا پيالا ڪنون ي وصال
حياتي

★

ات سندر ٻه رنگي مورت من ميڏي وچ
اٽڪي
لڳا عشق وسرڳئي ڪايا ٿت
ممتامتڪي
جنهن دي سڪ سوني شنهه پايا لٽڪ تنهندي
لٽڪي
"روحل" پريت لڳي نهي ڇوٽي پائي پيچ چت
چٽڪي

★

Gul Hayat Institute

چپ چپاتي ويڙهي دي وچ نوشه
آيا
نه مئن سرمان سيند ڳنڊائي نه مئن چندن
لايا
لؤن لئون دي وچ سهج سماٽا تي راضي رنگ
لايا
مين مني نماٽي داچا سائين پاڻ
وسايا.
"روحل" راهه فقير دا ڪنهن ياڳ پرابت
پايا

★

نہ نیہي لائن جماعتان نہ اوستاد سڏاون
دل دریاھہ محبت دي وچ رات ڏینهان تڙڦاون
جنهن دا درد تنهین دي درتي نت اتي آپ کهاون
سب صورت صاحب دي ڄاڻن دوئي دل نہ لاون
”روحل“ رنگ هکي دي اتي سي سپ کون سیس نماون

★

جنهن کون نیهن لڳا گهر اندر ساکیون ٻاهروتي
جنهن کون تار برهہ دي لڳي چرخي تند نہ گهتي
جا ڏيئي ڳل ٻانهن ستي شهہ سیتي ساکیون آتڻ کتي.
”روحل“ رنگ تنهان داڳوڙها جي عشق رنگڻ رنگ رتي.

★

ذات ملي وچ ذات ماهي نال تڏهان سیابن آئي
انگ لکیا کاتب روزازل دي کس کون خبر نهکائي
نال رانجهن دي حق اساڏي تڏان تہ محبت لائي.
”روحل“ رمز رباني لڳي یا ب پراپت پائي

★

Gul Hayat Institute

جنهان رمز رباني لڳي سیئي صاحب البیلي
وحدت وچ وصال تنهان کون نال سجن هرویلي
دوئي دا داغ لٿو نیهن دلِ تون ڦٽ تنهاندي میلي
”روحل“ رات حجر دي هٿي ملیا یار سویلي

# مددي ڪتاب

صوفي روحل فقير علي نوُاز شوق ---------2001ع

ڪنبڙي وارن جو ڪلام لطف الله بدوي ------- 1960ع

روحل فقير جون رمزون (قلمي) صوفي شفيع محمد صادق چوٽون

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ---- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

رسالو صوفي روحل نمبر --------------- 2003ع

Gul Hayat Institute

